www.prepp.in

Prepp
Your Personal Exams Guide



# SINDHI

## (Arabic)

## ( COMPULSORY )

*Time allowed : **Three Hours***

*Maximum Marks : **300***

---

## QUESTION PAPER SPECIFIC INSTRUCTIONS

***Please read each of the following instructions carefully before attempting questions :***

*All questions are to be attempted.*

*The number of marks carried by a question is indicated against it.*

*Answers must be written in **SINDHI (Arabic script)** unless otherwise directed in the question.*

*Word limit in questions, wherever specified, should be adhered to and if answered in much longer or shorter than the prescribed length, marks may be deducted.*

*Any page or portion of the page left blank in the Question-cum-Answer Booklet must be clearly struck off.*

---

سوال ١ - هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 600 لفظن ۾ مضمون لکو :- 100

(الف) راڄنيتيءَ ۾ عورتن جو رول.

(ب) ڇا ڀارت کي چين جي آرٿڪ اُنتيءَ کان ڊڄڻ کپي ؟

(پ) ڀارتيه سماج ۾ طلاق کي قبول ڪرڻ ۾ ٿيندڙ واڌ.

(ڀ) ڇا سخت قانون ذريعي نيتڪتا برپا ٿي سگهندي ؟

سوال 2 - هيٺ ڏنل ٽڪرو ڌيان سان پڙهو، ۽ پوءِ اُن جي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب پنهنجي ٻوليءَ ۾ صاف ۽ ٿورن لفظن ۾ لکو:- 60 = 5 x 12

عالمي سطح تي اِنسان جي لڏپلاڻ گهڻيون صديون اڳ شروع ٿي، جڏهن ماڻهن گهڻن ئي سببن ڪري ٽولين جي روپ ۾ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي طرف وڃڻ شروع ڪيو، - جيئن ته چاري جي ڳولها ۾ آباد زمين جي تلاش ۾ وڃڻ، ظالمن ۽ عذابن کان بچي نڪرڻ، ويچارن ۽ وشواس جي آزادي چاهڻ، يا فقط گهمڻ ڦرڻ جي شوق ڪري جدا جدا هنڌن تي وڃڻ. لڏي ايندڙ ماڻهو پنهنجي سانسڪرتڪ وراثت پاڻ سان کڻي اچن ٿا ۽ اُن کي مارگ ۾ يا نئين رهائشي بستيءَ ۾ وڪست ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. لڏپلاڻ جي مارگ تي اُهي

www.prepp.in

اُن بعد پراڻين يادگيرين يا سنبنڌن جو نالو نشان گم ٿي ويندو.
شايد هڪ صدي گذرڻ بعد، اهو جيئن سگهجي ٿو ته دنيا جا
ماڻهو پنهنجي آڳاٽن رهائشي علائقن جا سنبنڌ پڻ مشڪل
سان ياد رکي سگهندا. توهين جتي رهو ٿا، اُهو علائقو پوءِ
توهان جو بڻجي وڃي ٿو. پوءِ توهين اُنهيءَ نئين بستيءَ
جي ماحول جي پيٽ ۾ ڀري ٿا وڃو. مڪاني ماڻهو عالمي ماحول
۾ سمائجي ٿو وڃي. اهڙا ماڻهو تمام ٿورا وڃي بچندا، جيڪي
پنهنجي آڳاٽي سڃاڻپ قائم رکي سگهندا. نئين ويوستا هرهنڌ
کي پنهنجو نئون روپ ڏيئي ڇڏيندي. اڄ عالم نيون پيڙهيون
هميشه پوئين طرف ڏسنديون رهنديون. اُنهن ۾ گم ٿيل پنهنجي
پراڻي سڃاڻپ کي ياد رکڻ جي ڀاونا نه رهي آهي. ڪوبه انسان
يا ڪابه سنسڪرتي گهڻي وقت تائين پنهنجو الڳ وجود قائم
رکي نه سگهندي. مرڪز ڏانهن ڇڪيندڙ يا مرڪز کان پري هٽائيندڙ
طاقتون ڪجهه وقت جاري رهنديون. هزارين پيڙهيون پرماتما
کان اها دعا گهري هونديون ته هنن جي سماج ۾ اهڙا شخص
پيدا ٿين جيڪي ڌارين آڌرن کان آجا هجن. پر آسان کي اها
به ڄاڻ آهي ته اهو ڪيترو ناممڪن آهي. انسان چاهي ڪيترو
به الڳ يا آزاد رهڻ چاهي، پر کيس ٻين جو سهارو وٺڻوئي

پوي ٿو. هر جاندار جي پيدائش جا جزا (جينس)، ڊي-اين-اي ۽ آر-اين-اي پاڻ ۾ اُلجهيل يا ڳنڍيا بَدل آهن. هر هڪ نسل کي معلوم آهي ته هن کان اڳ جانئيو آهي؟ شرير، من ۽ آتما تي ٻين جو اثر پوڻ لازمي آهي. آتمجاتائي ۾ مان ڏپ پيدا ٿئي ٿو، ڏپ مان نفرت پيدا ٿئي ٿي، نفرت مان آتم-وشواس ناس ٿي وڃي ٿو، ۽ اهو انسان کي گرائڻ ۽ موت ڏانهن وٺي وڃي ٿو. گهڻين ئي پراچين سڀيتائن ۽ سنسڪرتين جو آگاهي زماني ۾ ان طرح انت ٿيو هوندو. زندهه رهڻ لاءِ هر هڪ شخص کي ٻئي کي اپنائڻو ئي پوندو، ڀلي چاهي اهو ٻيو دوزخ ۾ ڇو نه هجي؟

سوال :- (الف) لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو، نئين رهائشي علائقي جي ماڻهن سان پهرين ڪيئن وهنوار ڪن ٿا؟ 12

(ب) پراچين ڪال ۾ لڏپلاڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟ اهي اڄ ڪالهه واري زماني ۾ لڏپلاڻ جي سببن کان الڳ قسم جا ڪيئن آهن؟ 12

(ب) جدا جدا سنسڪرتيون پاڻ ۾ ڪيئن گڏجي وڃن ٿيون؟ 12

(پ) پراچين سنسڪرتين جو انت ڪيئن ٿيو هوندو؟ 12

(ٻ) ليکڪ ائين ڇو ٿو چوي ته ڪنهن به سنسڪرتي جو الڳ رهڻ ممڪن نه آهي؟ 12

www.prepp.in
Prepp
Your Personal Exams Guide

سوال 3 - هيٺ ڏنل تحرير جو سارُ اُنهيءَ جي اٽڪل هڪ ٽين حصي ۾ لکو. اِنهيءَ تحرير جو سرو لکڻ جي ضرورت نه آهي. 60

جڏهين اسين ڪنهن نوڪريءَ لاءِ عريضي لکون ٿا، تڏهين اسين گهڻو ڪري پنهنجيءَ لياقت، آزمودي وغيره جون سٺيون ۽ شفي ڳالهيون بيان ڪريون ٿا. گهڻيئي ماڻهو عريضي لکندي پنهنجي زندگيءَ جي اوڻاين، مشڪلاتن وغيره کي لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ فقط پنهنجين حاصلاتن ۽ ڳڻن جي واکاڻ ڪندا آهن. نوڪريءَ ۾ رکندڙ شخص جڏهن اهڙيون عريضيون پڙهندا آهن، تڏهن اهو محسوس ڪندا آهن ته هر ڪو عريضي ڪندڙ پاڻ کي هڪ مهان شخص جي روپ ۾ پيش ڪري رهيو آهي.

اِنهيءَ سلسلي ۾ راندين جي جڳت مان هڪ حقيقي واردات جو هتي ذڪر ڪجي ٿو. هڪ يونيورسٽي فوٽ بال ٽيم پاڻ کي چست ڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ جو اڀياس ڪري رهي هئي. هڪ رانديگر کي لاٽين منڊ جو ڪم مليل هئو. اهو فوٽ بال ٽيم ۾ سڀني ۾ تيز ڊوڙندڙ هئو. هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪوچ وٽ ويو ۽ کيس عرض ڪيائين ته جيڪي تيز ڊوڙندڙ رانديگر آهن، تن سان هو ڊوڙ جي چٽاڀيٽي ڪرڻ چاهي ٿو. ڪوچ کيس خوشيءَ سان اها اجازت ڏني.

ڪتاب آهي. آئنده آئنيءَ جو دارومدار اسان جي ايمانداريءَ
سان ڪيل ڪوشش تي مدار رکي ٿو. اسين پنهنجي آئنده لاءِ
يا هاڻيءَ جي سچائي پرماتما کان لڪائي نه سگهنداسين.

فٽ بال جي رانديگر کي معلوم هئڻ ته هو ماضيءَ ۾ حاصل
ڪيل پنهنجي ڪاميابين جي آڌار تي هاڻي ڪو سڌارو نه ڪري سگهندو.
هن کي معلوم هئڻ ته هو پاڻ کي چيلينج ڪري اُن جي آڌار تي هاڻي
سڌارو ڪري سگهندو. پنهنجين ڪمزورين کي ڌيان ۾ رکندي، هاڻي
هو انهن کي سڌاري سگهندو. فٽ بال رانديگر هو ڄاڻيو ٿي ته
ٻيا رانديگر ڇا پيا ڪن؟ انهن کي ڄاڻيندي هو پنهنجي ڪمين
کي دور ڪري، لياقت کي وڌائي سگهندو. ان طرح ڪڏهن به،
ٿوري مفاصلي تان ڇاٽي واٽي هارائيندو رهيو. اسين جڏهن پنهنجين
ناڪامين ڏانهن نهارينداسين، تڏهن اسان کي معلوم ٿيندو ته
ڪامياب ٿيڻ لاءِ اسان کي هر روز ڇا ڪرڻ گهرجي. ان طرح آخر
اهو ڏينهن ايندو، جڏهن اسان جون ناڪاميون سڀ ختم
ٿي وينديون ۽ اسان مڪمل طور ڪامياب ثابت ٿينداسين.

www.prepp.in
Prepp
Your Personal Exams Guide

سوال 6 - (الف) هيٺ ڏنل پهاڪن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اُهي جملن ۾ ڪتب آڻيو:-

15

(i) مينهن پنهنجي ڪارڻ ڏسي ڪاڻ،
گاڏي کي جوئي ته هلڻ پاڇ ڪاري!

(ii) گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي ٿو کٽا.

(iii) اکر نه ڪٿي، مکر ڪٿي.

(iv) ڏکه سکن جي سونهن، گهوريا سکه ڏکن ري

(v) لوڙي ڇُتيا ڪنڊ ڪان، ناچڻ لگس بار.

(ب) هيٺ ڏنل محاورن جي معنيٰ لکو ۽ پوءِ اُهي جملي ۾ ڪتب آڻيو:-

15

(i) پيٽ تي لت ڏيڻ

(ii) اکه پاڇڻُ

(iii) اُميد واري هئڻ

(iv) آنڌي ننڍي ٿي هئڻ

(v) هٿ وڏا هئڻ

www.prepp.in

Prepp Your Personal Exams Guide

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جون صفتون (وشيشڻ) لکو:- 10

(i) جبل

(ii) بحري

(iii) ڳري

(iv) آتما

(v) روح

(پ) هيٺ ڏنل لفظن جي اسم ذات (ڀاووچڪ سنگيا) لکو:- 10

(i) سائو

(ii) انسان

(iii) شريف

(iv) وڏو

(v) گهٽجڻ